# سنڌ آرڊيننس نمبر XVII مجريه 2002
# SINDH ORDINANCE NO.XVII OF 2002
## سنڌ يونيورسٽيز لاز (ترميم) آرڊيننس، 2002
## THE SINDH UNIVERSITIES LAWS (AMENDMENT) ORDINANCE, 2002
## (CONTENTS) فهرست


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1972 جي سنڌ ايڪٽ XXIV ۽ XXV جي دفعه 20 جي ترميم
Amendment of section 20 of Sindh Act XXIV and XXV of 1972

3. 1996 جي سنڌ ايڪٽ III، IV ۽ V جي دفعه 13 جي ترميم
Amendment of section 13 of Sindh Act III, IV and V of 1996

4. 1986 جي سنڌ ايڪٽ XI جي ترميم
Amendment of Sindh Act XI of 1986

5. 2001 جي سنڌ آرڊيننس VIII جي ترميم
Amendment of Sindh Ordinance VIII of 2001

# سنڌ آرڊيننس نمبر XVII مجريه 2002
# SINDH ORDINANCE NO.XVII OF 2002
## سنڌ يونيورسٽيز لاز (ترميم) آرڊيننس، 2002
## THE SINDH UNIVERSITIES LAWS (AMENDMENT) ORDINANCE, 2002

[22 جون 2002]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ موجود يونيورسٽين سان لاڳاپيل ڪجهه قانونن ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ صوبي ۾ موجود يونيورسٽين سان لاڳاپيل ڪجهه قانونن ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن ته صوبائي اسيمبلي 14 آڪٽوبر 1999 واري اعلان تحت ۽ پرووزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر نمبر. 1 موجب معطل آهي؛

۽ جيئن ته سنڌ جو گورنر مطمئن آهي ته موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، مٿي ڄاڻايل اعلان ۽ پرووزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر سان گڏ پڙهو 1999 جو پرووزنل ڪانسٽيٽيوشن (ترميم) آرڊر نمبر. 9، ۽ ان سلسلي ۾ مليل سمورن اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر خوشيءَ سان هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ يونيورسٽيز لاز (ترميم) آرڊيننس، 2002 سڏيو ويندو.

Short title and commencement

(2)هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

1972 جي سنڌ ايڪٽ XXIV ۽ XXV جي دفعہ 20 جي ترميم

Amendment of section 20 of Sindh Act XXIV and XXV of 1972

2. سنڌ يونيورسٽي ايڪٽ، 1972 ۾ ۽ ڪراچي يونيورسٽي ايڪٽ، 1972 جي دفعہ 20 جي ذيلي دفعہ (3) ۾ لفظن "هر سال تاريخن تي ۽ پيرا" لاءِ لفظ "تاريخ تي هر سال هڪ دفعو" متبادل ٿيندا.

1996 جي سنڌ ايڪٽ III، IV ۽ V جي دفعہ 13 جي ترميم

Amendment of section 13 of Sindh Act III, IV and V of 1996

3. اين اي ڊي يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي ايڪٽ، 1977 ۾ مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي ايڪٽ، 1977، سنڌ ايگريڪلچرل يونيورسٽي ايڪٽ، 1977 ۽ قائد عوام يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي نوابشاهہ ايڪٽ، 1996 جي دفعہ 13 جي ذيلي دفعہ (4) ۾ لفظن "هر سال تاريخن تي ۽ پيرا" لاءِ لفظ "تاريخ تي هر سال هڪ دفعو" متبادل ٿيندا.

1986 جي سنڌ ايڪٽ XI جي ترميم

Amendment of Sindh Act XI of 1986

4. شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي ايڪٽ، 1986 جي دفعہ 21 جي ذيلي دفعہ (4) ۾ لفظن "هر سال تاريخن تي ۽ پيرا" لاءِ لفظ "تاريخ تي هر سال هڪ دفعو" متبادل ٿيندا.

2001 جي سنڌ آرڊيننس VIII جي

5. لياقت يونيورسٽي آف ميڊيڪل اينڊ هيلٿ سائنسز آرڊيننس، 2000 جي دفعہ 22 جي ذيلي دفعہ (4) ۾ لفظن

| | |
|---|---|
| “هر سال تاريخن تي ٻه ڀيرا” لاءِ لفظ “تاريخ تي هر سال هڪ دفعو” متبادل ٿيندا. | ترميم Amendment of Sindh Ordinance VIII of 2001 |
| **نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي** | |